NO. SELD/CA/CW/18 /2018.
GOVERNMENT OF SINDH
SCHOOL EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT
Karachi, dated the 17th, February, 2026.

**To,**

**The Director,**
Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), Jamshoro.

**SUBJECT: SUBMISSION OF STANDARDIZED MODEL TEST PAPERS FOR GRADE-IV TO GRADE-VIII FOR THE ACADEMIC YEAR 2025-2026. (REQUEST FOR APPROVAL & DISSEMINITION).**

This letter is with reference to your letter No. DCAR/DIR/52/-2026, dated; 04th of February 2026 on the subject cited above.

Reference to the content of the letter as stated that the Directorate of Curriculum, Assessment & Research (DCAR), has developed the Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, for the Academic Session 2025-2026 and for Local Annual Examinations 2026.

This is to inform that the competent authority has approved the request and permission is granted for dissemination of the developed Standardized Model Test Papers for Grade IV to Grade-VIII, to all Directorates of School Education of all regions of Sindh, for guidance and preparation of Standard Test Papers.

Your assistance with this matter is highly valued.

**Dr. Fouzia Khan**
**Chief Executive Advisor (Curriculum Wing)**
**School Education and Literacy Department**
**Government of Sindh.**

A copy is forwarded for information to: -

1. The P.S to Minister for Education, Govt. of Sindh.
2. The P.S to Secretary, School Education & Literacy Department, Govt. of Sindh.
3. The Office File.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2025-26**

**Time…………..Minutes Grade: IV Subject: Sindhi language Total Marks: 100**

| |
|---|
| Name of Student _________________S/D/O ________________Gende (Boy/Girl__________ |
| Medium__________ Name of School_____________________________________________ |
| Taluka:____________ City/Village: _________________ Signature of Invigilator__________ |

| حصو (الف) | معروضي سوال ( M C Qs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

هدايت: هيٺ ڏنل عبارت کي ڌيان سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان ( ✓ ) جو نشان لڳايو

وڻ قدرت جو بيحد قيمتي تحفو آهن.وڻ اسان کي صاف هوا مهيہ ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ وڻ ڪاربان ڊا ءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا. ۽ آڪسيجن خارج ڪن ٿا، جيڪا جاندارن جي زنده لاءِ نهايت ضروري آهي. وڻ نہ صرف ڌرتيءَ جي سونهن کي وڌائين ٿا پر ماحول کي بهتر ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿا. وڻن جي ڪري مينهن گهڻا وسن ٿا، جنهن ڪري زمين جي زرخيزي برقرار رهي ٿي. وڻ ٻوڏن جي نقصان کي پڻ گهٽ ڪن ٿا. وڻ نہ صرف انسانن ۽ جانورن کي سج جي ساڙيندڙ اس کان بچائڻ لاءِ ڇانو ڏين ٿا پر پکين جي رهڻ جو قدرتي ذريعو پڻ آهن، جن تي پکي پنهنجا آکيرا ٺاهي رهندا آهن. وڻ گهٽ ٿيندا تہ گدلاڻ وڌندي ۽ سڀني ساهہ وارن جي زندگي خطري ۾ پئجي ويندي، جنهن ڪري اسان سڀني کي گهرجي تہ وڌ کان وڌ وڻ پوکيون ۽ انهن جي حفاظت ڪريون تہ جيئن اسين سڀ گدلاڻ کان بچي سگهون ۽ ايندڙ نسل بہ صحتمند ماحول ۾ زندگي گذاري سگهن.

.

(1)ڏنل عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:

(الف) مينهن (ب) وڻ (ج) گدلاڻ (د) هوا

(2) ڏنل عبارت مان اسان کي سبق ملي ٿو تہ:

(الف)وڻن پوکڻ گهرجن (ب) وڻ وڍڻ گهرجن (ج)وڻ ساڙڻ گهرجن (د) وڻ سڪائڻ گهرجن

(3) عبارت موجب وڻن جي ڪري گهڻي ٿئي ٿي:

(الف) سردي (ب) گرمي (ج) برسات (د) خشڪي

(4) وڻ زمين کي نقصان کان بچائين ٿا:

(الف) سڙڻ (ب) ڪٽجڻ (ج) سخت ٿيڻ (د) نرم ٿيڻ

(5) وڻ قدرتي آفت جي نقصان کان بچائين ٿا:

(الف) زلزلو (ب) طوفان (ج) ٻوڏ (د) باھ

(6) وڻن جي ڇانو فائديمند آهي:

(الف) ٻوٽن کي وڌائڻ لاءِ (ب) گرميءَ کان بچائڻ لاءِ (ج) هوا کي روڪڻ لاءِ (د) ميون کي پچائڻ لاءِ

(6) عبارت موجب وڻن جي حفاظت ڪرڻ نهايت ضروري آهي:

(الف) ڪاٽ وڌائڻ لاءِ (ب) صحتمند زندگيءَ لاءِ (ج) راند روند ڪرڻ لاءِ (د) سير ۽ تفريح ڪرڻ لاءِ

(7) وڻ پوکڻ لازمي آهن ۽ اهو ڪم آهي:

(الف)فقط حڪومت جو (ب) فقط استادن جو (ج) فقط هارين جو (د) سڀني ماڻهن جو

(8) وڻن جي واڍي ٿيندي تہ خطرو پيدا ٿيندو:

(الف) عمارتن لاءِ (ب) رستن لاءِ (ج) گاڏين لاءِ (د) انساني زندگيءَ لاءِ

(9) ڏنل عبارت جي ليکڪ جوانداز بيان آهي:

(الف) معلوماتي (ب) غمناڪ (ج) مزاحيہ (د) خوفناڪ

(10)" مينهن وسن ٿا تہ زمين جي زرخيزي وڌي ٿي." هن سٽ ۾ "زرخيز زمين "جو ذڪر ٿيو آهي ،جنهن مان مراد آهي

(الف) گهٽ پيداوار واري زمين (ب) گهڻي پيداوار واري زمين (ج) سمر جي علائقي واري زمين (د) ڪلراٺي علائقي واري زمين

(11) "وڻ زمين کي ڪٽجڻ کان بچائين ٿا." هن سٽ مان مراد آهي.وڻ زمين کي:

(الف)پاڻيءَ جي ڪٽاءَ کان بچائين ٿا (ب) پاڻيءَ جي ڪوٽ کان بچائين ٿا

(ج )پاڻيءَ جي گدلاڻ کان بچائين ٿا. (د) پاڻيءَ جي گهٽائيءَ کان بچائين ٿا.

(12) "وڻ گهٽ ٿيندا تہ گدلاڻ وڌندي".هن جملي ۾ ' گدلاڻ' جو ذڪر آهي. عام طور تي پاڻيءَ جي گدلاڻ جو مکيہ سبب آهي.

(الف) رنگ (ب) زهريلو پاڻي (ج) دوائون (د) مٽي

(13) وڻن جو سڀ کان وڏو فائدو آهي:

(الف) گرمي وڌائڻ (ب) هوا صاف ڪرڻ (ج) زمين سڪائڻ (د) آواز ڪرڻ

(14) وڻ انسانن جي فائدي واري گئس خارج ڪن ٿا.

(الف) ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ (ب) آڪسيجن (ج) نائٽروجن (د) ميٿين

(13) جيڪڏهن وڻ وڍيڪ پوکبا ته:

(الف) بيماريون وڌنديون (ب) گدلاڻ وڌندي (ج) آڪسيجن وڌندي (د) گوڙ وڌندو

(14) ڏنل لفظ ۾ 'مند ' پڇاڙي لڳائبي ته درست لفظ ٺهندو:

(الف) هاري (ب) مزوري (ج) دولت (د) خوشي

(15)" اٺ گاهه چري ٿو." هن جملي ۾ ' مفعول' آهي:

(الف) اٺ (ب) گاهه (ج) چري (د) ٿو

(16) ڏنل لفظن مان صورتخطيءَ جي لحاظ کان درست لفظ لکيل نه آهي:

(الف) وڻ (ب) ميوو (ج) ماهول (د) گدلاڻ

(17) هيٺ ڏنل لفظ ۾ 'بي' اڳياڙي لڳائڻ سان درست لفظ ٺهندو:

(الف) پڪي (ب) آڪرو (ج) وڻ (د) حد

(18) لفظ 'سوير' جو ضد ٿيندو:

(الف) سويرو (ب) سويري (ج) اوير (د) صبح

(19)" ڪتاب ميز تي آهي". هن جملي ۾ 'حرف جر' آهي:

(الف) ڪتاب (ب) ميز (ج) تي (د) آهي

(20) "شينهن طاقتور جانور آهي". هن جملي لفظ 'طاقتور' آهي:

الف اسم (ب) ضمير (ج) صفت (د) فعل

| مارڪون 40 | مختصر سوال ( C R Qs) | حصو (ب) |
|---|---|---|

**نوٽ: هيٺ ڏنل سوالن مان ڪن بہ 8 سوالن جا جواب لکو .هر هڪ سول تي 5 مارڪون رکيل آهن.**

(1)حضور اڪرم صَلي الله عَليہ وَعَلىٰ آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَسَلم جن مڪي مان مديني ڏانهن حجرت ڇو ڪئي؟

(2)زندگيءَ جو مقصد ڪهڙيءَ ريت حاصل ڪري سگهجي ٿي؟

(3) سچل سرمست جو ميلو ڪڏهن ۽ ڪٿي لڳندو آهي؟

(4)اسان جي قومي جهنڊي ۾ چنڊ ۽ تارو ڇاجي علامت آهن؟

(5)شاهجهان مسجد جي تعمير ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪرائي؟

(6)ڪمپيوٽر جي ايجاد ڪڏهن ۽ ڪنهن ڪئي؟

(7)مکين ۽ مڇرن کان ڪهڙيءَ ريت بچاءُ ڪري سگهجي ٿو؟

(8) ”جيءُ خوش ،جهان خوش“ مان ڇا مراد آهي؟

(9)بچت ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟

(10) سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ ڪڏهن ۽ ڪهڙي بند ٽٽڻ سبب آئي؟

(11)ٻارن کي ڪهڙين ڪهڙين بيمارين جا ٽڪا لڳايا ويندا آهن؟

(12)”جلي جي ٻين کي سهائو ڏين ٿا.“ ان جو ڇا مطلب آهي؟

| مارڪون 20 | تفصيلي جواب (E R Qs) | حصو (ج) |
|---|---|---|

(1)هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو.

(الف)منهنجي پسنديده راند (ب) منهنجو اسڪول (ج) سٺو شاگرد

پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماسٽر کي ٻن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکو. يا

(2) پنهنجي والدين کي خط لکي ٻڌايو تہ اوهان اسڪول جي امتحان ۾ پهريون نمبر کڻي پاس ٿيا آهيو.

(3)هيٺ ڏنل بيتن مان ڪنهن بہ هڪ بيت جي سمجهاڻي لکو.

1. گلن اندر سرهاڻ ڌرين تون،

موتين سان مهراڻ ڀرين تون،

هيرا لعل هزارا قدرت وارا .

2. مال خزانا کيترا، کنهن وٽ لک هجن،

هيرا موتي اڻ ميا، وٽس پيا رلن،

پر جي هوندو ڪين ڪي، سگهو تنهن جو تن،

تہ وٽندو ڪين تنهن ڪي، اهو سارو ڌن.

**پوروٽيو**

## Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Sindh Jamshoro

## Model Paper 2025-26

Time:_____ Minutes Grade: V Subject: Sindhi Language Total Marks (100)

| |
|---|
| Name of Student_________________ S/D/O________________ _Gender(Boy/Girl)_ _______ |
| Medium_____________ Name of School______________________________________________ |
| Taluka___________ City/Village_________________________ Signature of Invigilator_________ |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (M C Qs)** | **مارڪون 40** |

| |
|---|
| **هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهو ۽ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان( ) جو نشان لڳايو** |

متوازن غذا اسان جي صحت لاءِ تمام ضروري آهي. خاص طورتي ٻارن جي سٺي واڌ ويجھ لاءِ متوازن غذا جو ڪردار نهايت اهم آهي.متوازن غذا مان مراد آهي، اهڙي غذا، جنهن ۾ جسم لاءِ گهربل خوراڪ جا سمورا غذائي جزا مناسب مقدار ۾ موجود هجن، جنهن ۾ نشاستو، پروٽين، وٽامن، سٿپ، معدني لوڻ وغيره شامل هجن. نشاستو جسم کي توانائي مهيہ ڪري ٿو، جيڪو چانورن،اناج، پٽاٽن وغيره مان ملي ٿو. پروٽين وري اسان جي جسم جي واڌ ويجھ ۽ مضبوطيءَ لاءِ ضروري آهي.جيڪو اسان کي کير، بيضن، دالين، مڇي ۽ گوشت وغيره مان ملي ٿو.

سٿپ بہ اسان جي جسم کي گرمي ۽ طاقت مهيہ ڪري ٿو، جيڪو اسان کي مکڻ، گيھ ۽ چربيءَ وغيره مان حاصل ٿئي ٿو پر ان جو مناسب استعمال ڪرڻ ضروري آهي. وٽامن ۽ معدني لوڻ اسان جي جسم کي ميون ۽ ڀاڄين مان ملي ٿو، جيڪو اسان جي جسم کي مختلف قسم جي بيمارين کان بچائي ٿو. اهڙيءَ طرح سان صاف پاڻي بہ متوازن غذا جو هڪ اهم حصو آهي. جيڪي ٻار متوازن غذا استعمال ڪن ٿا، اهي صحتمند ۽ طاقتور رهندا آهن پر جيڪي ٻار غير متوازن غذا استعمال ڪن ٿا، اهي اڪثر ڪري بيمار رهندا آهن ۽ انهن جو جسم بہ گهٽوڪمزور ٿي ويندو آهي. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسين روزانو گهر ۾ تيار ٿيل صاف ۽ متوازن غذا جو استعمال ڪريون، ڇو تہ متوازن غذا صحتمند زندگيءَ جي ضمانت آهي. ان سان نہ صرف ٻارصحتمند رهن ٿا پر پڙهائيءَ ۽ راندين ۾ بہ سٺي ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا.

(1)متوازن غذا مان مراد آهي، اها خوراڪ جنهن ۾:

(الف)فقط سٽپ هجي (ب) فقط پروٽين هجي (ج) غذا جا سڀ جزا هجن (د) غذا جا ڪجھ جزا هجن

(2)نشاستو اسان جي جسم کي توانائي مهيه ڪري ٿو ، جيڪو اسان کي ملي ٿو:

(الف) ميون مان (ب) مکڻ مان (ج)گوشت مان (د) اناج مان

(3)عبارت موجب مناسب سٽپ اسان جي جسم کي مهيه ڪري ٿو.

(الف)سستي ۽ ڪاهلي (ب) گرمي ۽ طاقت (ج)بيماري ۽ ڪمزوري (د) ننڊ ۽ بيهوشي

(4)عام طورتي پروٽين حاصل ٿئي ٿو.

(الف)شربت (ب) کير (ج) ماکي (د) چانھ

(5)عبارت موجب وٽامن ۽ معدني لوڻ حاصل ٿيڻ جو ذريعو آهن:

(الف)گوشت ۽ مڇي (ب) ميوا ۽ ڀاڄيون (ج) مکڻ ۽ گيھ (د)اناج ۽ کير

(6)عبارت ۾ ’کير‘ جو ذڪر آيل آهي. کير مان مڻائي نهندي آهي:

(الف)جليبي (ب) مائو (ج)حلوو (د)ترن وارا لڏو

(7)هن عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:

(الف)صحت ۽ صفائي (ب) متوازن غذا (ج) ورزش ۽ رانديون (د) ميوا ۽ ڀاڄيون

(8)”متوازن غذا صحتمند زندگيءَ جي ضمانت آهي“. هن سٽ مان مراد آهي تہ متوازن غذا:

(الف)مهانگي آهي (ب)سستي آهي (ج)طاقتور آهي (د)مزيدار آهي

(9)هن عبارت جي ليکڪ جو انداز آهي

(الف)معلوماتي (ب)مزاحيہ (ج) غمناڪ (د)خوفناڪ

(10)وٽامن ۽ معدني لوڻ اسان جي جسم کي بچائين ٿا:

(الف)سرديءَ کان (ب) گرميءَ کان (ج)بيمارين کان (د)سستيءَ کان

(11)عبارت موجب ٻارن جي بيمار رهڻ جو مکيہ سبب آهي:

(الف)رانديون نہ کيڏڻ (ب) کير نہ پيئڻ (ج) متوازن غذا کائڻ (د)غير متوازن غذا کائڻ

(12)عبارت موجب پڙهائيءَ ۽ راندين ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻ لاءِ ضرورت هوندي آهي:

(الف)ورزش جي (ب)متوازن غذا جي (ج) محنت جي (د)سوچڻ جي

(13)عبارت موجب اسان کي گھر ۾ تيار ڪيل خوراڪ کائڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ:

(الف)بازار جون شيون مهانگيون آهن (ب)بازار جون شيون غير معياري آهن

(ج)بازار جون شيون ٿڌيون آهن (د) بازار جون شيون گرم آهن

(14)لفظ 'متوازن' جي معني آهي:

(الف) تمام گھٽي (ب) تمام ٿوري (ج) برابر ۽ مناسب (د)بي ترتيب

(15)"مور سهڻو پکي آهي".ڏنل جملي ۾ 'صفت' لفظ آهي:

(الف)مور (ب) سهڻو (ج) پکي (د) آهي

(16)"ڇا توهان حيدرآباد جو راڻي باغ ڏٺو آهي ". هن جملي ۾ گرامر موجب درست نشاني ايندي:

(الف) ! (ب) ، (ج) ؟ (د) ۔

(17)ڏنل لفظ ۾ ' گاهہ' پڇاڙي لڳائڻ سان درست لفظ ٺهندو:

(الف) سبق (ب) درس (ج) استاد (د)اسڪول

(18)ڏنل جملن ۾ سادو جملو آهي:

(الف)ٻار روزانو اسڪول وڃي پڙهن ٿا. (ب) ٻاراسڪول مان موٽي گھر آيا ۽ مجهند جي ماني کاڌائون.

(ج)ٻارن مجهند جي ماني کائي آرام ڪيو . (د) ٻار شام جو راند ڪيڏن ٿا.

(19)"ميوا ۽ ڀاڄيون کائڻ سان اسين بيمارين کان بچي سگھون ٿا". هن جملي۾ 'حرف جملو' استعمال ٿيل آهي:

(الف) ۽ (ب) سان (ج) اسان (د) کان

(20)لفظ 'سک' جو ضد ٿيندو

(الف) ڏک (ب) ڏکيو (ج) ڏکي (د) ڏکويل

| | | |
|---|---|---|
| حصو (ب) | مختصر سوال(C R Qs) | مارڪون 40 |

**نوٽ: هيٺ ڏنل سوالن مان ڪن بہ 8 سوالن جواب لکو.سڀني سوالن تي هڪجيتريون مارڪون رکيل آهن**

(1)مسجد نبويءَ جي اڏاوت لاءِ زمين ڪنهن کان خريد ڪئي وئي؟

(2)حضور اڪرم صَلي الله عَليہ وَعَلیٰ آلِہٖ وَاَصحابِہٖ وَسَلم جن پورهيت بابت ڇا فرمايو آهي؟

(3) مني پاٽيءَ جي ڪوهه جو نالو ڇا هو؟ ۽ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه اهو ڪوهه يهوديءَ کان ڪيترن درهمن ۾ خريد ڪيو؟

(4)صوفي شاهه عنايت هارين جي حقن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏنو؟

(6)سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڪڏهن جوڙيو ويو ۽ ڇو؟

(7)'آڪاش منڊل' ڇاکي ٿو چئجي؟

(8)موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان ڪهڙيون شيون مليون آهن؟ڪن ٻه ڇئن شين جا نالا ٻڌايو.

(9)سنن لچڻ واري ٻار کي هر ڪو ڇو مان ڏيندو آهي؟

(10)سائيءَ جي بيماريءَ کان بچاءُ ڪيئن ڪجي؟

(11)وڌندڙ آباديءَ جي ڪري ڪهڙيون شيون متاثر ٿين ٿيون؟

(12)'اي-ميل' مان ڇا مراد آهي؟

| حصو (ج) | تفصيلي جواب (E R Qs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

هيٺ ڏنل عنوانن مان ڪنهن به هڪ تي مضمون لکو.

(الف)بهار جي مند (ب) وطن جي حب (ج) ڪمپيوٽر

(2)پنهنجي ڀاءُ جي شاديءَ جي ڪري پنهنجي اسڪول جي هيڊ ماستر کي ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکو.
يا

ڪرڪيٽ راند ۾ کٽيل انعام بابت دوست کي خط لکي آگاهه ڪريو.

(3) هيٺ ڏنل بيتن مان ڪنهن به هڪ جي سمجهاڻي لکو

1. جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه ٻه اوڏيائي مڱان،
ريءَ ٿنيين، ريءَ ٿوٽيين، تون ڇپر تون ڇانءُ،
ڪجاڙو ڪهانءُ، تو کي معلوم سيڪا.

2. ڪچائي، ڪپت، ڪوڙ ڪوري ڪيو،
صداقت ۽ سچ جي سهاري هلو.

پورو ٿي

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Sindh, Jamshoro**

**Model Paper 2025-26**

Time_______ Minutes Grade: VI Subject: Sindhi Language Total Marks (100)

| | | |
|---|---|---|
| Name of Student__________________ | S/D/O__________________ | Gender(Boy/Girl________ |
| Medium_________ | Name of School ______________________________________________ | |
| Taluka__________ | City /Village_____________________ | Signature of Invigilator________ |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (M C Qs)** | **مارڪون 40** |

**هيٺ ڏنل عبارت کي غور سان پڙهو ۽ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان(    ) جو نشان لڳايو.**

رانديون انساني زندگيءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون ،خاص طور تي ٻارن ۽ نوجوانن جي جسماني ۽ ذهني واڌ ويجھ لاءِ راند کيڏڻ نهايت ضروري آهي.راندين سان نہ صرف جسم صحتمند رهي ٿو پر ان سان گڏو گڏ جسم چست ۽ مضبوط پڻ ٿئي ٿو. ڪجھ رانديون اسان وٽ مقامي آهن جيئن: ونجهوٽي، ملاڪڙو ۽ ڪبڊي وغيره ۽ ڪجھ رانديون بين الاقوامي سطح تي کيڏيون وينديون آهن، جن ۾ ڪرڪيٽ، هاڪي، فٽ بال ۽ والي بال وغيره ٻار شامل آهن.

رانديون جسماني ورزش جو بهترين ذريعو آهن .چوندا آهن تہ ”صحتمند جسم ۾ صحتمند ذهن هوندو آهي“. ان ڪري راندين سان هڪ تہ جسم طاقتور بڻجي ٿو تہ ٻئي پاسي وري ذهني دٻاءُ پڻ گهٽجي ٿو ۽ ذهن کي سڪون حاصل ٿئي ٿو ۽ ٻار پڙهائيءَ ۾ وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳندا آهن. راندين سان ٻارن ۾ نظم و ضبط، وقت جي پابندي، صبر ۽ سهپ ، محنت ۽ جدوجهد جهڙيون خوبيون پيدا ٿين ٿيون.گڏجي رانديون کيڏڻ سان ٻارن ۾ ٻڌي، ڀائيچارو ،هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ جهڙا گڻ پدا ٿين ٿا. ٻارن ۾ راند کٽڻ يا هارائڻ جهڙن معاملن تي برداشت ۽ درگذر ڪرڻ جي عادت پيدا ٿئي ٿي. ان سان گڏ رانديون کيڏڻ سان خود اعتمادي وڌي ٿيۓ اڳواڻي ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ٿي. ملڪي ۽ قومي حوالي سان بہ راندين جي وڏي اهميت آهي.رانديگر بين الاقوامي راندين ۾ حصو وٺي وڏا اعزاز ماڻي پوريءَ دنيان ۾ ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪن ٿا.اهڙيءَ طرح سان راندين ذريعي بين الاقوامي سطح تي امن، سلامتي ،دوستي ۽ ڀائيچاري جو پيغام پڻ پکڙجي ٿو.مطلب تہ رانديون صحتمند زندگي گذارڻ لاءِ تمام ضروري آهن تنهن ڪري هر ٻار کي گهرجي تہ پڙهائيءَ سان گڏو گڏ راندين ۾ بہ حصو وٺندو رهي تہ جيئن صحتمند ۽ بااخلاق انسان بڻجي سگهي.

(1)ڏنل عبارت جو مناسب عوان ٿيندو:

(الف)صحتمند زندگي (ب) راندين جي اهميت (ج) مقامي رانديون (ج)بين الاقوامي رانديون

(2)هن عبارت مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو تہ اسان کي:

(الف) فقط پڙهائي ڪرڻ گهرجي (ب) فقط رانديون کيڏڻ گهرجن (ج) پڙهائيءَ سان گڏ راند بہ کيڏڻ گهرجي

(د)وقت جي پابندي ڪرڻ گهرجي

(3) عبارت موجب رانديون بهترين ذريعو آهن:

(الف) سير ۽ تفريح جو (ب) ورزش جو (ج) روزگار جو (د) ڪمائيءَ جو

(4) عبارت موجب رانديون کيڏڻ سان ٻارن ۾ صلاحيت پيدا ٿئي ٿي:

(الف)اڳواٽي ڪرڻ جي (ب)تقرير ڪرڻ جي (ج) سياست ڪرڻ جي (د)شاعري ڪرڻ جي

(5)عبارت موجب بين الاقوامي سطح تي امن،سلامتي، دوستي ۽ ڀائيچاري جو پيغام پکڙجي ٿو

(الف)تعليم ذريعي ( ب)راندين ذريعي (ج)مصوريءَ ذريعي (د)موسيقيءَ ذريعي

(6) ”راندين کيڏڻ سان ٻارن ۾ هڪٻئي سان سهڪار ڪرڻ جهڙيون خوبيون پيدا ٿين ٿيون.“هن سٽ مان مراد آهي:

(الف)هڪٻئي سان مقابلو ڪرڻ (ب)هڪٻئي جي مدد ڪرڻ (ج)هڪٻئي سان ريس ڪرڻ

(د)هڪٻئي کان پري ٿيڻ

(7)”رانديون ٻارن جي ذهني واڌويجهہ لاءِ بہ نهايت ضروري آهن. “هن سٽ مان مراد آهي تہ راندين کيڏڻ سان :

(الف) ٻارن جي جسماني طاقت ۾ اضافو ٿئي ٿو (ب) ٻارن ۾ جسماني ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي

(ج)ٻارن جي ذهني صلاحيتن ۾ بهتري اچي ٿي. (د)ٻارن جي ذهني صلاحيتن ۾ ڪمزوري اچي ٿي

(8)عبارت موجب راند هارائڻ سان ٻارن ۾ پيدا ٿئي ٿي:

(الف)سهپ (ب) نا اميدي (ج) پريشاني (د)بيچيني

(9)”راندين سان ٻارن ۾ درگذر ڪرڻ جي عادت پيدا ٿئي ٿي.“ هن سٽ ۾ لفظ ’درگذر‘ استعمال ٿيو آهي، جنهن جي معني آهي:

(الف) غصو ڪرڻ (ب) معاف ڪرڻ (ج)تڪرار ڪرڻ (د) خوشي ڪرڻ

(10). ”صحتمند جسم ۾ صحتمند ذهن هوندو آهي.“ هن سٽ مان مراد آهي:

(الف)طاقتور جسم ۾ ڪمزور دماغ هوندو آهي (ب)ڪمزور جسم ۾ طاقتور دماغ هوندو آهي

(ج)طاقتور جسم ۾ طاقتور دماغ هوندو آهي (د) ڪمزور جسم ۾ ڪمزور دماغ هوندو آهي

(11) تحرير مو جب هيءَ عبارت آهي:

(الف) ڪهاڻي (ب) مضمون (ج) ڊرامو (د) داستان

(12)"رانديگر بين الاقوامي راندين ۾ حصو وٺي اعزاز ماڻي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪندا آهن."هن سٽ ۾ رانديگرن جي اعزاز ماڻڻ جو ذڪر آيو آهي. پاڪستان ڪرڪيٽ جو عالمي اعزاز ماڻيو هو:

(الف) 1990 (ب) 1992 (ج) 1994 (د) 1996

(13)ٻارن کي رانديون کيڏڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته انهن سان ٿئي ٿو:

(الف) جسم ڪمزور (ب) جسم چست (ج) جسم ٿلهو (د) جسم سنهڙو

(14)ملاکڙي ۾ راند کيڏي ويندي آهي:

(الف)ونجهوٽي (ب) لڪلڪوٽي (ج) ملهه (د) ڪبڊي

(15)"راندين سان ذهني دٻاءُ گهٽجي ٿو."هن سٽ مان مراد آهي ته:

(الف)جسماني طاقت وڌي ٿي. (ب) دماغ آرام محسوس ڪري ٿو.

(ج)دماغ ٿڪجي پوي ٿو. (د) ذهني مونجهارو پيدا ٿئي ٿو.

(16)اهڙالفظ جيڪي خالص ماڻهن جي نالن بدران ڪم اچن تن کي چئبو آهي:

(الف) ضمير خالص (ب) ضمير مشترڪ (ج) ضمير استفهام (د)ضمير مبهم

(17) لفظ 'ڪارائتو' جي معنىٰ ٿيندي:

(الف)نقصانڪار (ب) فائديمند (ج) تمام گهڻو (د) تمام ٿورو

(18)"اسان سڀني گڏجي ماني کاڌي."هن جملي ۾ 'ضمير' استعمال ٿيل آهي:

(الف)ضمير متڪلم (ب) ضمير حاضر (ج) ضمير غائب (د) ضمير متصل

(19)"ڊرائيور موٽرڪار هلائي ٿو. "گرامر موجب ڏنل جملو آهي.

(الف)فعل متعدي معروف (ب) فعل لازمي (ج) فعل متعدي بالواسطہ (د) فعل متعدي مجهول

(20)"اسين سڀاڻي راتي باغ گهمڻ ويندا سين".گرامر جي لحاظ هن جملي جو زمان آهي:

(الف) زمان حال (ب) زمان ماضي (ج) زمان مستقبل (د) زمان حال مدامي

| حصو (ب) | مختصر سوال (C R Qs) | مارڪون40 |
|---|---|---|

**نوٽ: هيٺ ڏنل سوالن مان ڪن ﺑﻪ 8 سوالن جا جواب لکو،سڀني سوالن تي هڪجيتريون مارڪون رکيل آهن.**

1.مسجد نبويءَ جي اڏاوت ۾ پاڻ سڳورن صَلي الله عَليہ وَعَلىٰ آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَسَلم جن ڪهڙو حصو ورتو؟

2.پاڪستان جي ماڻهن جي پوشاڪ ڪهڙي قسم جي آهي؟

3. سورهيہ بادشاھ جو اصل نالو ڇاآهي ۽ سندس جنم ڪٿي ٿيو؟

4.اسان جي ملڪ ۾ ڪهڙيون رانديون ڪيڏيون وڃن ٿيون؟

5.صحت کي برقرار رکڻ لاءِ ڪهڙا اصول ضروري آهن؟

6.ڀنڀور جو پڙوڪٿي آهي؟ ۽ ڀنڀور شهر بابت ڪهڙو قصو مشهور آهي؟

8.وڻ پوکڻ ڇو ضروري آهن؟

9.انٽرنيٽ سان واسطيدار شين جا نالا لکو.

10.ڪارونجهر جبل ۾ رهندڙ جهنگلي جانورن ۽ پکين جا نالا ٻڌايو.

(11)ماحولياتي گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا وڃن گهرجن؟

(12)زرعي سائنس جي ترقي ڪهڙن ٻن شعبن سان ٿي آهي؟

| حصو (ج) | تفصيلي جواب (E R Qs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

**1.نوٽ: هيٺ ڏنل عنوانن مان ڪنهن ﺑﻪ هڪ تي مضمون لکو**

(الف)ڪرڪيٽ راند (ب) باغ جو سير (ج)والدين جو ادب

2.هيڊ ماستر کي ٽن ڏينهن جي موڪل جي درخواست لکو ،جنهن ۾ ڄاڻايو ﺗﻪ اوهان پنهنجي والد سان گڏ ڳوٺ گهمڻ وڃي رهيا آهيو.

يا

پنهنجي والد کي خط لکو، جنهن ۾ ڄاڻايو ﺗﻪ توهان اسڪول ۾ ٿيندڙ تقريب جي تقريري مقابلي ۾ پهريون نمبر کڻي انعام حاصل ڪيو آهي.

3. هيٺ ڏنل بيتن مان ڪنهن ﺑﻪ هڪ جي سمجهاڻي لکو

1.وَحدَهٗ لاشَرِيڪَ لہٗ، ايءُ وِهائِج وِيءُ ،

ڳڻين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ،

پاٽان چوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو.

2. ٽڌڙي ’ٽرن‘ جي واري، پيارو پلُرُ جو پاٽي،
برپٿ کي باغ ٿاهيون، وسڪارَ جي وراٽي،
مارُن مِنن سان گڏجي، خوش ٿي خوشيون ملهايون.

پورو ٿيو.

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Sindh Jamshoro**

**Model Paper 2025-26**

Time_____ Minutes Grade: VII Subject: Sindhi Language Total Marks (100)

| |
|---|
| Name of Student_________________S/D/O____________________Gender(Boy/Girl)______ |
| Medium__________ Name of School______________________________________________ |
| Taluka___________ City/Village______________________ Signature of Invigilator_________ |

| | | |
|---|---|---|
| **حصو (الف)** | **معروضي سوال (M C Qs)** | **مارڪون 40** |

| |
|---|
| هيٺ ڏنل عبارت کي ڌيان سان پڙهو ۽ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان(   ) جو نشان لڳايو |

الله تعالي جي ڏنل نعمتن مان وقت بہ هڪ نعمت آهي. وقت هڪ ڀيرو گذري ويو تہ ٻيهر واپس نہ ايندو، تنهن ڪري هر انسان کي وقت جي اهميت سمجهڻ نهايت ضروري آهي. جيڪو ماڻهو وقت جو قدر ڪري ٿو،اهو زندگيءَ ۾ ڪاميابيون حاصل ڪري ٿو،جڏهن تہ وقت ضايع ڪندڙ ماڻهو زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ هميشہ پوئتي رهجي ويندو آهي. شاگردن جي زندگيءَ ۾ بہ وقت جي وڏي اهميت آهي. جيڪي شاگرد پنهنجو وقت پڙهائيءَ ۽ سٺن ڪمن ۾ استعمال ڪن ٿا تہ اهي سٺا نتيجا حاصل ڪن ٿا.وقت جي پابنديءَ سان زندگيءَ ۾ نظم و ضبط پيدا ٿئي ٿو،جيڪو ماڻهوءَ کي پنهنجن ڪمن کي سرانجام ڏيڻ لاءِ ذميوار بڻائي ٿو.اهڙيءَ طرح سان اسڪول وقت تي وڃڻ، وقت تي پڙهڻ، وقت تي کاڌو کائڻ ، وقت تي راند کيڏڻ وغيرہ سٺيون عادتون آهن، جيڪي وقت جو قدر ڪرڻ سيکارين ٿيون. وقت جي اهميت زندگيءَ جي هر شعبي سان لاڳاپيل آهي،جيئن واپار، نوڪري، زراعت ۽ گهريلو ڪم ڪار وغيرہ. جيڪي ماڻهو پنهنجو وقت صحيح نموني سان استعمال ڪن ٿا، اهي ٻين ماڻهن لاءِ مثال بڻجي وڃن ٿا.وقت ضايع ڪرڻ سان نہ صرف ڪم بگڙي وڃي ٿو پر ان سان انسان کي پڇتاءُ پڻ ٿئي ٿو. اسان کي وندر، تفريح ۽ آرام لاءِ بہ وقت ڪڍڻ گهرجي پر ان سان گڏ اسان کي پنهنجون ذميواريون وسارڻ نہ گهرجن.وقت جي سٺي ورهاست سان ئي انسان هر ڪم آسانيءَ سان ڪري سگهي ٿو.سنڌيءَ ۾ مشهور چوڻي آهي تہ "وقت هوا جي پرن تي اڏامندو آهي"،مطلب تہ وقت مقرر رفتار سان گذري ٿو پر ماڻهوءَ کي وقت گذرڻ جو احساس نٿو رهي. ڏينهن مان مهينا ۽ سال اک ڇنڀ ۾ گذري ٿا وڃن. وقت ڪڏهن بہ واپس نٿو اچي، تنهن ڪري وقت جي اهميت کي سمجهڻ ئي ڪامياب زندگيءَ جي ضمانت آهي.جيڪڏهن اڄ اسان وقت جو قدر ڪنداسين تہ سڀاڻي اسان جو مستقبل روشن ۽ ڪامياب ٿيندو.

(1)عبارت موجب وقت آهي:

(الف) دولت (ب)نعمت (ج) حقيقت (د) زحمت

(2) وقت هڪ ڀيرو گذري وڃي ته:

(الف)واپس اچي ٿو (ب) واپس نٿو اچي (ج) وڌي وڃي ٿو
(د)گهٽجي وڃي ٿو.

(3) عبارت موجب وقت جي پابندي ڪرڻ سان انسان ۾:

(الف)سستي ۽ ڪاهلي پيدا ٿئي ٿي (ب) نظم ۽ ضبط پيدا ٿئي ٿو
(ج) خوف ۽ ڊپ پيدا ٿئي ٿو (د) ڪاوڙ ۽ ناراضگي پيدا ٿئي ٿي

(4)عبارت موجب شاگردن کي وقت جو استعمال ڪرڻ گهرجي:

(الف) راند روند ۽ سنن ڪمن ۾ (ب)پڙهائي ۽ سنن ڪمن ۾
(ج)آرام ۽ سنن ڪمن ۾ (د)ڪچهرين ۽ سنن ڪمن ۾

(5)"وقت هوا جي پرن تي اڏامندو آهي"هن سٽ مان مراد آهي ته:

(الف)وقت تمام تيز گذرندو آهي (ب)وقت تمام آهستي گذرندو آهي
(ج)وقت مقرر رفتار سان گذرندو آهي (د)وقت جو سيني کي انتظار هوندو آهي.

(6)عبارت موجب" وقت جو قدر ڪرڻ "جو نتيجونڪري ٿو:

(الف) ڪاميابي (ب) ناڪامي (ج) فائدو (د) نقصان

(7)عبارت موجب وقت ضايع ڪرڻ سان نتيجو ملي ٿو:

(الف) ڪم بهتر ٿين ٿا (ب)ڪم بگڙي وڃن ٿا (ج) ماڻهو ترقي ڪري ٿو. (د)ماڻهو پوئتي رهجي وڃي ٿو.

(8)عبارت موجب نظم و ضبط انسان کي بڻائي ٿو:

(الف) ذميوار (ب) غير ذميوار (ج) خوفزده (د)مغرور

(9)عبارت موجب وقت جي سني ورهاست سان ڪم ٿين ٿا:

(الف) گهڻا (ب) ٿو را (ج) ڏکيا (د) آسان

(10)عبارت موجب جيڪو شخص وقت جي پابندي ڪري ٿو، اهوٻين لاءِ بڻجي ٿو:

(الف) رهبر (ب) استاد (ج) مثال (د) مسئلو

(11) ڏنل عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:

(الف)راندين جي اهميت (ب)تعليم جي اهميت (ج)وقت جي اهميت (د)زراعت جي اهميت

(12)ڏنل عبارت ۾ ليکڪ جو انداز بيان آهي:

(الف) خوف ناڪ (ب) غمناڪ (ج)مزاحيه (د)معلوماتي

(13)عبارت مان اها ڄاڻ ملي ٿي تہ اوهان پنهنجي زندگيءَ ۾ وقت بچائي سگهو ٿا:

(الف)وقت جي منصوبا بندي ڪرڻ سان (ب)وقت جي منصوبابندي نہ ڪرڻ سان (ج)سويرنند مان اٿڻ سان (د)دير سان ننڊ مان اٿڻ سان

(14)”هن ڌرتيءَ تي مختلف جاندار رهن ٿا.“ هن جملي ۾ ’حرف جر‘ آهي.

(الف)ڌرتي (ب) تي (ج) جاندار (د) رهن

(15)لفظ ’اوڪي‘ جوضد آهي:

(الف) اوڪو (ب) اوڪا (ج) سوڪو (د)سوڪي

(16) ”واهہ واهہ توهان ڏاڍي سٺي تقرير ڪئي آهي.“ گرامر موجب هن جملي ۾ لفظ ’واهہ واهہ ‘ ڪان پوءِ بيهڪ جي نشاني ايندي:

(الف) ؛ (ب) ؟ (ج) ! (د) ،

(17)”جهرڪي ٽاريءَ تي ويٺي آهي.“ گرامر موجب هي جملو آهي:

(الف) فعل متعدي معروف (ب) فعل متعدي مجهول (ج) فعل متعدي بالواسطہ (د) فعل لازمي

(18)لفظ ”اخبار بيني“ مان مراد آهي:

(الف) اخبار وٺڻ (ب) اخبار پڙهڻ (ج) اخبار ورهائڻ (د) اخبار ۾ لکڻ

(19)اصطلاح ’ويڇا وسارڻ‘ مان مراد آهي:

(الف) معاف ڪرڻ (ب) بدلو وٺڻ (ج)مطالبو رکڻ (د) ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ

(20)”اسين سڀ وقت جو قدر ڪنداسين.“هي جملو گرامر موجب زمان سان لاڳاپو رکي ٿو:

(الف)زمان حال (ب)زمان ماضي (ج) زمان مستقبل (د)زمان ماضي قريب

| حصو (ب) | مختصر سواال(C R Qs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

1.پاڻ سڳورن صَلي الله عَليہِ وَ عَلىٰ آلہٖ وَاَصحَابہٖ وَسَلم جن علم بابت ڇا فرمايو آهي؟

2. اسان کي پنهنجي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

3.پاڪستان جي جهنڊي ۾ سائو ۽ اڇو رنگ ڇاجي علامت آهن؟

4.”ابتدائي طبي امداد “جو مطلب ڇا آهي؟

5.اسان کي انسانن سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ گهرجي؟

6.انسان جا سنا گڻ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

7.رائٽ برادرس کي هوائي جهاز ناهڻ جو خيال ڪيئن آيو؟

8.’علم طبعيات‘ لاءِ ڪهڙن مشهور مسلمان سائنسدانن جون خدمتون ڳڻپ جوڳيون آهن؟

9.”اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان“ جا ڪهڙا مکيہ ڪم آهن؟

10.زندگي گذارڻ لاءِ نظم ۽ ضبط ڇو ضروري آهي؟

11.تماڪ سان گڏ صحت جا ٻيا ڪهڙا دشمن آهن؟

(12)’امرجنسي اسڪواڊ‘ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ادارا ڪم ڪن ٿا؟ ۽ ڪهڙوڪهڙو ڪم ڪن ٿا؟

| حصو (ج) | تفصيلي جواب (E R Qs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

**1.نوٽ: هيٺ ڏنل عنوانن مان ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو.**

(الف)ماءُ جو پيار (ب) ساٿيہ جي سڪ (ج)صحت ۽ صفائي

2.پنهنجي يونين ڪائونسل جي چيئر مين کي پنهنجي علائقي جي گهٽين ۾ اسٽريٽ لائيٽ نہ هجڻ ۽ انهن جي فراهم ڪرڻ لاءِ درخواست لکو. يا

پنهنجي والد کي خط لکو جنهن ۾ ڪيس پنهنجي پڙهائيءَ بابت آگاهہ ڪريو.

3.هيٺ ڏنل بيتن مان ڪنهن بہ هڪ جي سمجهاڻي لکو

1. الاهي! ڪرم ڪر اسان تي قراري،
آهيون اصل کان سڀ ڏُکيا ۽ ڏوهاري.

2. رکو دل ۾ دائم، محبت وطن جي،
ڪريو دل سچيءَ ساڻ خدمت وطن جي.

3. پَٽن پوشاڪ پاتي آ، ڪٽي پنهنجي مٽان سائي،
وَهي اڄ واهَ ٿا وِهسن، بهار آيو بهار آيو.

پوروتيو

**Directorate of Curriculum, Assessment & Research, Sindh Jamshoro**

**Model Paper 2025-26**

Time____ Minutes Grade: VIII Subject: Sindhi Language Total Marks (100)

| |
|---|
| Name of Student___________________ S/D/O_________________ Gende r(Boy/Girl)________ |
| Medium__________ Name of School_______________________________________________ |
| Taluka_______________ City/Village__________________ Signature of Invigilator__________ |

| | | |
|---|---|---|
| **مارڪون 40** | **معروضي سوال (M C Qs)** | **حصو (الف)** |

**هدايت: هيٺ ڏنل هدايت کي ڌيان سان پڙهڻ کان پوءِ ڏنل سوالن جي درست جوابن اڳيان ( ) جو نشان لڳايو**

موجوده دور ۾ جديد ٽيڪنالاجي اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي چڪي آهي. ٽيڪنالاجيءَ مان مراد آهي، سائنسي ايجادون ، جيڪي اسان جي ڪمن کي آسانيءَ ۽ تيزيءَ سان ٿوري وقت ۾ مڪمل ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪن ٿيون. جيئن، سڌ سماءَ جي ذريعن جهڙوڪ: موبائيل فون، ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ماڻهن کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. تعليم جي شعبي ۾ به ٽيڪنالاجيءَ وڏو انقلاب آندو آهي.شاگردن کي سبق سمجهڻ، ترجمون ڪرڻ، روزانو سکيا حاصل ڪرڻ وغيره ۾ مدد ملي رهي آهي. شاگرد آن لائن ڪلاسن، وڊيو ليڪچرن ۽ ڊجيٽل ڪتابن وسيلي آسانيءَ سان تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

صحت جي شعبي ۾ به جديد مشينن ۽ اوزارن ذريعي بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن جو علاج ممڪن ٿي ويو آهي.

واپار ۽ ڪاروبار ۾ به ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال سبب وقت ۽ پئسي جي بچت ٿي رهي آهي.اهڙيءَ طرح سان زراعت ۾ به جديد مشينون استعمال ٿيڻ جي ڪري گهٽ محنت سان پيداوار ۾ گهڻو اضافو ٿي رهيو آهي.

انهن فائدن سان گڏوگڏ جديد ٽينالاجيءَ سبب ڪجهه نقصان به ٿي رهيا آهن. موبائيل فون ۽ ڪمپيوٽر وغيره جي گهڻي استعمال ڪرڻ سان ٻارن ۽ نوجوانن جي صحت تي خراب اثر ٿي رهيا آهن. نظر جي ڪمزوري، ذهني دٻاءُ ۽ جسماني سستي وغيره. عام ٿي وئي آهي. ان ڪان سواءِ ماڻهو آمهون سامهون ڳالهائڻ بدران موبائيل فون تي ڳالهائڻ ۾وڌيڪ وقت گذارين ٿا، جنهن ڪري منجهن سماجي لاڳاپا ڪمزور ٿي رهيا آهن .بيرروزگاري به ٽيڪنالاجيءَ جو هڪ اهم نقصان آهي،ڇاڪاڻ ته مشينون انساني محنت جي جاءِ وٺي رهيون آهن.ان ڪان سواءِ .انٽر نيٽ جي غلط استعمال سبب وقت ضايع ٿيڻ ۽ اخلاقي قدرن ۾ گهٽتائي اچڻ به عام ٿي رهي آهي. ان ڪري ٽيڪنالاجيءَ جو جيڪڏهن محدود ۽ درست استعمال ڪيو وڃي ته اها اسان جي لاءِ نهايت فائديمند ٿي سگهي ٿي پر جيڪڏهن ان جو غلط استعمال ڪيو ويندو ته اها اسان جي لاءِ نقصانڪار بڻجي سگهي ٿي. تنهن ڪري اسان کي گهرجي ته ٽيڪنالاجيءَ کي عقل ۽ ذميواريءَ سان درست نموني استعمال ڪريون ته جيئن ان مان فائدا حاصل ڪري سگهون ۽ ان جي نقصانن کان بچي سگهون.

(1)هن عبارت جو مناسب عنوان ٿيندو:

(الف)جديد ٽيڪنالاجيءَ جا فائدا (ب) جديد ٽيڪنالاجيءَ جا نقصان (ج) جديد ٽيڪنالاجيءَ جا فائدا ۽ نقصان

(د)جديد ٽيڪنالاجيءَ جو درست استعمال

(2)ڏنل سڄي عبارت جو مقصد آهي:

(الف)جديد ٽيڪنالاجيءَ بابت ڄاڻ (ب) جديد ٽيڪنالاجيءَ فائدن بابت ڄاڻ

(ج)جديد ٽيڪنالاجيءَ جي نقصانن بابت ڄاڻن (د)جديد ٽيڪنالاجيءَ جي فائدن ۽ نقصانن بابت ڄاڻ

(3)"جديد ٽيڪنالاجي اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو بڻجي چڪي آهي." هن سٽ مان مراد آهي ته جديد ٽيڪنالاجي:

(الف) فقط تعليم ۾ مدد ڪري ٿي. (ب) فقط زراعت ۾ مدد ڪري ٿي

(ج)فقط صحت ۾ مدد ڪري ٿي (د)زندگيءَ سان لاڳاپيل سيني ڪمن ۾ مدد ڪري ٿي.

(4) "زرعي مشينن جي استعمال سبب زرعي پيداوار وڌي رهي آهي." هن سٽ مان مراد آهي ته:

(الف) فصل پيلا ٿي رهيا آهن (ب) فصل سڪي رهيا آهن (ج) فصل سڙي رهيا آهن

(د) فصل ساوا ٿي رهيا آهن

(5)ٽيڪنالاجيءَ مان مراد آهي:

(الف)پڙهائڻ جا طريقا (ب)زرعي مشينون (ج)سائنسي ايجادون (د) انٽرنيٽ

(6)عبارت موجب تعليم جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي اچڻ سان ؛

(الف) تعليم مشڪل ٿي آهي (ب) تعليم آسان ٿي آهي (ج)وقت ضايع ٿئي ٿو. (د)شاگرد پريشان ٿين ٿا.

(7)عبارت موجب وڊيو ليڪچر ۽ ڊجيٽل ڪتابن جو تعلق آهي:

(الف) صحت سان (ب) زراعت سان (ج) تعليم سان (د) واپار سان

(8)عبارت موجب صحت جي شعبي ۾ ٽيڪنالاجيءَ ممڪن بڻايو آهي:

(الف)بيمارين ۾ اضافو ۽انهن جو علاج (ب) بيمارين جي سڃاڻپ ۽ انهن جو علاج

(ج) دوائن جو استعمال ۽ انهن ۾ اضافو (د) مريضن ۾ واڌارو ۽ دوائن جي کوٽ

(9)عبارت مو جب ٽيڪنالاجيءَ ماڻهن کي ڳنڍي ڇڏيو آهي:

(الف)پوري ڳوٺ سان (ب)پوري شهر سان (ج) پوري ملڪ سان (د) پوري دنيا سان

(10)عبارت مو جب واپار تي ٽيڪنالاجيءَ جو اثر پيو آهي:

(الف)وقت ۽ پئسي جو نقصان ٿيو آهي (ب) وقت ۽ پئسي جي بچت ٿي آهي

(ج)ڪاروبار بند ٿي ويو آهي (د) ڪاروبار جي محنت ۾ اضافو ٿيو آهي

(11) عبارت موجب موبائيل فون کي گھڻي استعمال ڪرڻ سان سماج سان لاڳاپا ٿي رهيا آهن:

(الف)مضبوط (ب) ڪمزور (ج) ويجها (د) خراب

(12)عبارت موجب ڪمپيوٽر ۽ موبائيل فون جوگھڻواستعمال ٻارن ۽نوجوانن تي اثر ڪري رهيو آهي:

(الف) صحت بهتر ٿي رهي آهي (ب) صحت خراب ٿي رهي آهي

(ج) جسماني طاقت وڌي رهي آهي (د) اکين جي روشني وڌي رهي آهي

(13) ڏنل عبارت ۾ ليکڪ جو انداز آهي:

(الف)مزاحيہ (ب)معلوماتي (ج) جاسوسي (د) سياسي

(14) ڏنل عبارت تحرير موجب آهي:

(الف)ڪهاڻي (ب) مضمون (ج)سفر نامو (د) ناول

(15)لفظ 'جديد' جي معني آهي:

(الف)نئين (ب) پھرين (ج)سٺي (د)چمڪندڙ

(16)اهو لفظ جيڪو قافيي جي پنيان وري وري اچي ان کي چئبو آهي:

(الف) قافيو (ب) رديف (ج) تشبيهه (د) تجنيس حرفي

(17)ڏنل جملو' فعل متعدي معروف' جو آهي:

(الف)طوطو ٻولي ٿو. (ب)طوطو ميوو کائي ٿو. (ج) طوطو اڏامي ٿو. (د) طوطي کي ڏس!

(18) "اسين سياڻي راڻي باغ گھمڻ ويندا سين." هن جملي جو زمان آهي:

(الف) زمان حال (ب) زمان ماضي (ج) زمان مستقبل (د) زمان حال استمراري

(19) 'جبل جهاڳڻ ' هڪ اصطلاح آهي، جنهنجو مفهوم آهي:

(الف)جبلن مان ريتي ڪڍڻ (ب) جبلن مان پٿر ڪڍڻ (ج)مشڪل زندگي گذارڻ (د) خوشحال زندگي گذارڻ

(20) لفظ 'اختلاف' جو ضد ٿيندو:

(الف)مختلف (ب) مخالف (ج) تفاوت (د) اتفاق

| حصو (ب) | مختصر جواب (C R Qs) | مارڪون 40 |
|---|---|---|

**نوٽ: هيٺ ڏنل سوالن مان ڪن بہ 8 سوالن جا جواب لکو.سڀني سوالن تي هڪ جيترين مارڪون رکيل آهن.**

(1)انسان جو سڀ کان اهم ڳڻ ڪهڙو آهي؟

(2)انسانيت بابت پاڻ سڳورن صَلي الله عَليہ وَعَلىٰ آلہٖ وَ اَصحَابہٖ وَسَلم جن ڇا فرمايو آهي؟

(3)حضرت بيبي ذينب رضي الله عنها کي ’عقيلہ بني هاشم‘ ڇو سڏيو ويندو هو؟

(4)قائد اعظم محمد علي جناح پاڪستاني قوم کي ڪهڙا ٽي مکيہ اصول ٻڌايا آهن؟

(5)عبدالستار ايڌيءَ پنهنجي زندگي ڪهڙن ڪمن لاءِ ارپي ڇڏي؟

(6)بجلي اسان لاءِ ڇو ضروري آهي؟

(7)رضاڪار عملي جو ڪهڙو ڪم آهي؟

(8)راندين مان ڪهڙا ڪهڙا فائدا ٿين ٿا؟

(9)مثالي شاگرد ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟

(10)سير ۽ تفريح ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟

(11)پاڪستان ۾ ڪهڙا ڪهڙا مشهور هوائي اڏا آهن ؟ نالا ٻڌايو.

(12)پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام ڪهڙو آهي؟

| حصو (ج) | تفصيلي سوال (E R Qs) | مارڪون 20 |
|---|---|---|

**نوٽ: هيٺ ڏنل عنوانن ما ڪنهن بہ هڪ تي مضمون لکو**

(الف) ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي (ب)مثالي شاگرد (ج) وقت جي اهميت

(2) پنهنجي علائقي جي يونين ڪائونسل جي چيئر مين کي درخواست لکو تہ اوهان جي علائقي ۾ مڇرن جو آزار تي پيو آهي،جنهن ڪري مليريا کان بچاءَ لاءِ مڇر مار ڦوهارا ڪرايا وڃن.

يا

پنهنجي دوست کي خط لکو جنهن ۾ ڪيس راندين جي اهميت بابت ٻڌايو ۽ ڪيس راندين ۾ حصو وٺڻ لاءِ آماده ڪريو.

(3) هيٺ ڏنل بيتن مان ڪنهن بہ هڪ جي حوالن سان سمجهاڻي لکو.

1.وَحَدَہٗ لاشريڪ لَہٗ ،ايءُ هيڪڙائيءَ حَقُ،

ٻيائيءَ کي ٻَکُ، جن وِڌو سي وِرسيا.

(2)سال پڇاڙان سانوڻ آيو، ياڳين جي اڄ ڀاڳ ڀڙايو،

هر ڪو ٻار خوشيءَ جهومايو، سُر ۾ 'دڪايل' سانوڻ ڳايو.

ڪارا ڪارا بادل ڊوڙو!

(3)مِل ۾ ڏس ۾ ڏس مذدور اڇن ٿا،

پنهنجي وطن لاءِ پورهيو ڪن ٿا،

سمجهه اهوئي درس ڏين ٿا،

محنت سان ئي رنگ رچن ٿا.

پوروٿيو.